۱۱ اوم شري پَرِماتِمَني نَمَهہ ۱۱

اَٿ چَتُرِدشو ڌيايَهہ

پهرين انيڪ اڌياون ۾ يوگيشور شري ڪرشڻ گيان جو سوروپ ظاهر ڪيو. اڌياءِ چوٿين اوڻويهين شلوڪ ۾ ٻڌايو تہ جنهن پرش دوارا سمپورڻتا سان شروع ڪيل مقرر ڪرمن جو آچرڻ سلسليوار وڌڻ ٿيندي ٿيندي ايترو سوکيم ٿي ويو تہ ڪامنا ۽ سنڪلپ جو پوري طرح شمن ٿي ويو، اُن وقت جنهن کي هو ڄاڻڻ چاهي ٿو اُنجي ظاهري انڀوتي ٿي ويندي آهي، اُن انڀوتيءَ جو نالو گيان آهي. تيرهين اڌياءَ ۾ گيان کي وستار سان ٻڌايو ''اڌِياتِمگيانَ نِتتِيتُوَمِ تَتِوَ گيانارِٿ دَرِشَنَمِ ۱''

آتم گيان ۾ هڪ رس سان اسٿتي ۽ تَتِوَ جي ارٿ سوروپ پرماتما جو کُليو درشن آهي. کيتر-کيترگيہ جي ڀيد کي ڄاڻڻ سان گڏ ئي گيان آهي. گيان جو ارٿ شاستر ارٿ نہ. شاسترن کي ياد ڪري وٺڻ بہ گيان نہ آهي. اڀياس جي اُها اوسٿا گيان آهي جتي اُهو تَتِوَ ڄاڻجي ٿو. پرماتما جو ساکياتڪار سان گڏوگڏ ملڻ واري انوڀُوتي جو نالو گيان آهي. ان جي اُبتر سڀ اگيان آهي.

ان طرح سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏڻ تي بہ هن ڏنل اڌياءَ چوڏهين ۾ يوگيشور شري ڪرشڻ چون ٿا تہ ارجن! انهن گ يانن ۾ بہ پرم اُتم گيان کي مان وري بہ تنهنجي لاءِ چوندس. يوگيشور اُن کي وري دهرائي رهيا آهن ڇاڪاڻ تہ

”شاستر سُڇنِتيت پُني پُني ڏيکيي ”چڱيءَ طرح چنتن ڪيل شاستر بہ وري وري ڏسڻ گهرجي. ايترو ئي نہ، جيئن جيئن تون ساڌناپٿ تي پڪو ٿيندين، جيئن جيئن اُن اِشٽ ۾ پرويش پائيندين، تيئن تيئن برهم ۾ نئين نئين انوڀوتي ملندي. اها چاڻ ستگرو مهاپرش ئي ڏين ٿا. تنهنڪري شري ڪرشڻ چون ٿا تہ مان وري بہ چوندس.

سُرتِ (سمرتي) اهڙو پٽل آهي جنهن تي سنسڪارن جو نشانُ سدائين ٿيندو رهي ٿو. جيڪڏهن پٽڪ کي اِشٽ ۾ پرويش ڏيارڻ واري چاڻ ڏلي پئجي ٿي وڃي تہ اُن سمرتي پٽل تي پرڪرتي پنهنجا نشان ڪندي رهي ٿي، جو وناش جو ڪارڻ آهي. تنهن ڪري ساڌڪ جيستائين پورڻ ٿئي تيستائين ساڌڪ کي اِشٽ سنبنڌي چاڻ هروقت دهرائڻ گهرجي. اچ سمرتي جيڏري آهي؛ پر اڳيان هلندڙ اوسٿائن ۾ پرويش ملڻ سان گڏ هيءَ اوسٿا نہ رهندي. ان ڪري پوجيہ مهراج جي چوندا هئا تہ برهم وديا جو چنتن روز ڪريو. هڪ مالها روز ڦيريو جا چنتن وقت ڦيرائي ويندي آهي، ٻاهرين مالها نہ - اندرين مالها.

اهو تہ ساڌڪ لاءِ آهي؛ جي اصلي ستگرو هوندا آهن هو هميشه اُن پٽڪ جي پنيان لڳا رهندا آهن. اندران ان جي آتما ۾ جاڳرت ٿي ۽ ٻاهران پنهنجي ڪِريا شڪتيءَ سان اُنکي نين، تازين حالتن کان آگاهہ ڪرائي هلندا آهن. يوگ يشور شري ڪرشڻ بہ مهاپرش هو. ارجن شِشَن جي جڳهہ تي آهي. هُن هنن کي سنڀالڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي هئي. ان ڪري يوگيشور شري ڪرشڻ جو چوڻ آهي تہ گيانن ۾ بيحد اُتم گيان کي وري تنهنجي لاءِ چوندس.

श्रीभगवानुवाच

परं भूयः प्रवक्ष्यामि ज्ञानानां ज्ञानमुत्तमम्।
यज्ज्ञात्वा मुनयः सर्वे परां सिद्धिमितो गताः।।१।।

شري ڀڳوان اُواچ

’’ پَرَمِ ڀوُيَهه پِرَوَڪِشيامي گِياناناڃِ گياَنمُتَمَمِ
يَڄگِياتِوا مُنَيَهه سَروي پَرامِ سِڌيِمِتوگَتاهه ‘‘ (١)

ارجن! گيانن ۾ بہ بيحد اُتم گيان پرم گيان کي مان وري بہ تنهنجي لاءِ چوندس (جيڪو پهرين چئي آيا آهن)، جنهن کي ڄاڻي سڀ مني جن هن سنسار کان مڪت ٿي پرم سِڌيءَ کي پراپت ٿين ٿا (جنهن کان پوءِ ڪجهہ بہ باقي پائڻ لاءِ نٿو رهي)

इदं ज्ञानमुपाश्रित्य मम साधर्म्यमागताः।
सर्गेऽपि नोपजायन्ते प्रलये न व्यथन्ति च।।२।।

’’ اَدَمِ گِياَنمُپا شِرِتيَہ مَمَ ساڌَمِريَماگَتاها
سَرِگيپي نوپَڄايَنِتي پِرَ لَيي نَہ وِيَٿَنِتي چَہ ‘‘ (٢)

هن گيان جو ’’اُپاشِرِتيَہ‘‘ ويجهائي سان آسرو وٺي، ڪِريا سان هلي، ويجهو پهچي منهنجي سوروپ کي پراپت ٿيل لوڪ سرشٽيءَ جي آدِ ۾ وري جنم نٿا وٺن ۽ پرلئہ ڪال ۾ معنيٰ شرير جو انت تہ اُن ڏينهن ٿي وڃي ٿو، جڏهن هو سوروپ کي پراپت ٿئي ٿو. ان کان پوءِ اُن جو شرير رهڻ لاءِ مڪان وانگر رهجي وڃي ٿو. پنر جنم جي جڳهہ ئي ڪٿي آهي، جتي ماڻهو جنم وٺن ٿا؟ ان تي شري ڪرشڻ چون ٿا:

मम योनिर्महद्ब्रह्म तस्मिन्गर्भं दधाम्यहम्।
सम्भवः सर्वभूतानां ततो भवति भारत।।३।।

’’مَمَ يونيِرمَهَدِ بِرَهَمِ تَسِمِنگَرِڀ دَڌامِيَهَمِ
سمِڀوَهہ سَرِوَ ڀوُتانام تَتِوَ ڀَوَتِ ڀارَتَ ‘‘ (٣)

هي ارجن! منهنجي ”مَهَدِبرَهمَ“ ارٿات اڻن ڀوتن واري مول پرڪرتي سمپورڻ ڀوتن جي يوني آهي ۽ اُن ۾ چيتن روپي ٻج کي اُساريان ٿو. اُن جڙ چيتن جي ميلاپ سان سڀني ڀوتن جي اُتپتي ٿئي ٿي.

सर्वयोनिषु कौन्तेय मूर्तयः सम्भवन्ति याः।
तासां ब्रह्म महद्योनिरहं बीजप्रदः पिता।।४।।

”سَروَ يونيِشوُ ڪوٗنتيِيَہ موٗرتَيُهَہ سَمڀَوَنتي ياها
تاسامِ برِهمَ مَهَدِيوني رَهمِ بيِجَپرَدَهہ پتا“ (۴)

سڀني يوُنيُنِ ۾ جيترا شرير اُتپن ٿين ٿا، اُنهن سڀني جي ماتا ”يوني“ گرڀ ڌارڻ ڪرڻ واري ماتا اڻن پيدن واري مول پرڪرتي آهي ۽ مان ئي ٻج پيدا ڪرڻ وارو پتا آهيان. ڌي نہ ڪا ماتا آهي، نہ پتا. جيستائين جڙ چيتن جو ميلاپ رهي ٿو، جنم ٿيندا رهندا، نِمِت تہ ڪير نہ ڪير بڻجندو ئي رهندو آهي. چيتن آتما جڙ پرڪرتي ۾ ڇو ٻڌِجي وڃي ٿي؟ ان تي چون ٿا

सत्त्वं रजस्तम इति गुणाः प्रकृतिसम्भवाः।
निबध्नन्ति महाबाहो देहे देहिनमव्ययम्।।५।।

”سَتوَمِ رَجَستَمِ اِتي گُڻاها پرِڪرِتِ سَمڀَواها
نِبَڌنَنتي مهاباهو ديهي ديهِنَمَويَيَمِ“ (۵)

مهاباهو ارجن! ستوگڻ، رجوگڻ ۽ تموگڻ پرڪرتي مان اُتپن ٿيل ٽيئي گڻ ئي هن اوناشي جيو آتما کي شرير ۾ ٻڌن ٿا ڪهڙي پرڪار

तत्र सत्त्वं निर्मलत्वात्प्रकाशकमनामयम्।
सुखसङ्गेन बध्नाति ज्ञानसङ्गेन चानघ।।६।।

”تَترَ سَتوَ نِرملَ تِواتِپرَڪاشڪَمَنامَيَمِ
سُکَسَنگينَ بڌناتي گيانَسنگين چانَگهہ (٦)

نشپاپ ارجن! انهن ٽنهي گڻن ۾ پرڪاش ڪرڻ وارو نروڪار ستوگڻ ته ”نرملتوات“ نرمل هئڻ جي ڪارڻ سک ۽ گيان جي آسڪتيءَ سان آتما کي شرير ۾ ٻڌي ٿو. ستوگڻ به بنڌن ئي آهي. فرق ايترو ئي آهي ته سک فقط هڪ پرماتما ۾ آهي ۽ گيانساڪياتڪار جو نالو آهي. ستوگڻي تيستائين ٻڌل آهي، جيستائين پرماتما جو ساڪياتڪار نه ٿو ٿي وڃي.

रजो रागात्मकं विद्धि तृष्णासङ्गसमुद्भवम्।
तन्निबध्नाति कौन्तेय कर्मसङ्गेन देहिनम्।।७।।

”رَجو راگاتِمَڪمِ وِدّي تِرِشڻا سَنگسَمُدڀَوَمِ
تانِبَڌناتي ڪؤنِتييَه ڪَرِمَسنگيِنَ ديهِنَمِ “ (٧)

هي ارجن! راڳ جو جيئرو جاڳندو سوروپ رجوگڻ آهي هن کي تون ”ڪَرِمَسنَگيِنَ“ ڪامنا ۽ آسڪتي مان اُتپن ٿيل ڄاڻ. هو جيو آتما کي ڪرم ۽ اُن جي ڦل جي آسڪتيءَ ۾ ٻڌي ٿو. هو ڪرم ۾ پرورتي ڏئي ٿو.

तमस्त्वज्ञानजं विद्धि मोहनं सर्वदेहिनाम्।
प्रमादालस्यनिद्राभिस्तन्निबध्नाति भारत।।८।।

”تَمَسِتوَگيانَجمِ وِدّي موهَنَمِ سَروَ ديهِنامِ
پِرمادالَسِيَنِدرا ڀِيِستنِبَڌناتي ڀارَت“ (٨)

ارجن! سڀني ديهه ڌارين کي موهڻ واري تموگڻ کي تون اگيان مان اُتپن ٿيل ڄاڻ. اُهو هن آتما کي پرماد اجائي هڻ پٽ، آلس (ته سپاٽي ڪنداسين) ۽ ننڊ دواران ٻڌي ٿو. ننڊ جو مطلب اهو ڪونهي ته تموگڻي وڏيڪ سمهي ٿو. شرير سمهي ٿو اهڙي ڳالهه نه آهي. ” يانِشاسَروَ ڀوُتانامِ تَسِيامِ جاگرتي سنيمي“ جڳت ئي رات آهي. تموگڻي

شخص هن جڳت روپي رات ۾ ڏينهن رات مشغول رهندو آهي، پرڪاش سوروپ ڏانهن اچيت رهندو آهي. اهائي تموگڻي نند آهي. جيڪو ان ۾ ڦاٿل آهي، سمهي ٿو، هاڻي ٽنهي گُڻن جي ٻنڌن جو گڏيل سوروپ ٻڌائين ٿا:

सत्त्वं सुखे सञ्जयति रजः कर्मणि भारत।
ज्ञानमावृत्य तु तमः प्रमादे सञ्जयत्युत॥९॥

”سَتوَمِ سُکي سَنجَيتي رَجَهه ڪَرمَڻي ڀارَت
گيانماوِرتِيَه تُوُ تَمَهه پرَمادي سَنجَيَتيُت“ (٩)

ارجن! سَتوگڻ سک ۾ لڳائي ٿو. پوتر پرم سک جي ذارا ۾ لڳائي ٿو، رَجوگڻ ڪرم ۾ پرورت ڪري ٿو ۽ تموگڻ گيان کي ڍڪي ، لڪائي پرماد معنيٰ انتهڪرڻ جي اجاين چيشتائن ۾ لڳائي ٿو. جڏهن گڻ هڪ ئي آستان تي هڪ ئي هردي ۾ آهن تہ الڳ الڳ تي ڪيئن واهجي ٿا وڃن؟ ان تي يوگيشور شري ڪرشڻ ٻڌائين ٿا:

रजस्तमश्चाभिभूय सत्त्वं भवति भारत।
रजः सत्त्वं तमश्चैव तमः सत्त्वं रजस्तथा॥१०॥

”رَجَستَمَشچاڀيڀُويَہ سَتوَمِ ڀَوَتي ڀارَت ا
رَجَهه سَتوَمِ تَمَشڇئيوَ تَمَهه سَتوَمِ رَجستٿا “اا (١٠)

هي ارجن! رجوگڻ ۽ تموگڻ کي دٻائي ستوگڻ وڌي ٿو، ائين ئي ستوگڻ ۽ تموگڻ کي دٻائي رجوگڻ وڌي ٿو ۽ اهڙي طرح رجوگڻ ۽ ستوگڻ کي دٻائي تموگڻ وڌي ٿو. اهو ڪيئن سڃاڻجي تہ ڪڏهن ۽ ڪهڙو گڻ ڪاريہ ڪري رهيو آهي؟.

सर्वद्वारेषु देहेऽस्मिन्प्रकाश उपजायते।
ज्ञानं यदा तदा विद्याद्विवृद्धं सत्त्वमित्युत॥११॥

”سَروَدِواريشو ديهيسمِنپرَڪاش اُپجايَتي ا

ڳِيانَمِ يدا تدا هودِيادِوَورِڌِمِ سَتوَ مِتِيُتَ ا ا'' (١١)

جنهن وقت شرير يا انتهڪرڻ ۾ سمپورڻ اندرين ۾ ايشوري پرڪاش ۾ سمجهه شڪتي اُتپن ٿئي ٿي، ان وقت ائين سمجهڻ گهرجي تہ ستوگڻ خاص ورڌيءَ کي پراپت ٿيو آهي ۾

लोभः प्रवृत्तिरारम्भः कर्मणामशमः स्पृहा।
रजस्येतानि जायन्ते विवृद्धे भरतर्षभ।।१२।।

''لوڀهہ پِرَوِرِ تيرا رمڀهہ ڪَرمَڻا مَشَمَهہ سپرها
رَجَسِييتانِ جايَنتي وِوِرڌي ڀَرَتَرشَڀ '' (١٢)

هي ارجن! رجوگڻ گڻ جي خاص ورڌي ٿيڻ تي لوڀ ڪاريہ ۾ پِرورت هئڻ جي ڪوشش، ڪرمن جو آرنڀ اشانتي معنيٰ من جي چنچلتا، وشيہ ڀوڳن جي لالسا اهي سڀ اُتپن ٿين ٿا. هاڻي تموگڻ جي ورڌيءَ ۾ ڇا ٿو ٿئي؟

अप्रकाशोऽप्रवृत्तिश्च प्रमादो मोह एव च।
तमस्येतानि जायन्ते विवृद्धे कुरुनन्दन।।१३।।

''اَپِرَڪاشوپِرَوِرتِشڇہ پِرَمادو موهہ ايوَ چَ ا
تَمَسِييتاني جايَنتي وِوِرڌي ڪُرُنَندَنَ ا ا'' (١٣)

ارجن! تموگڻ جي وڌڻ سان ''اپِرَڪاشَهہ'' (پرڪاش پرماتما جو لڪشڻ آهي، نشاني آهي) ايشوري پرڪاش ڏانهن نہ وڌڻ جو سڀاءُ ''ڪارِيَمِ ڪَرِمِ'' جا ڪرڻ يوڳيہ پرڪريا وشيش آهي اُن ۾ اپِرَوِتي، انتهڪرڻ ۾ اجاين ڪوشش جي ڏارا ۾ سنسار ۾ مگذ ڪرڻ واريون پرورتيون اِهي سڀ اُتپن ٿين ٿا. انهن گڻن جي جاڻڻ مان ڪهڙو لاڀ آهي؟

यदा सत्त्वे प्रवृद्धे तु प्रलयं याति देहभृत्।
तदोत्तमविदां लोकानमलान्प्रतिपद्यते।।१४।।

''يدا سَتوي پِرَوِرڌي تُو پِرَلَيَمِ ياتي ديهڀِرت

تَدوتَمِودامِ لوڪانَملانِيپرَ نِپرَتيپَدِيتي '' (١٤)

جڏهن هيءَ جيو آتما ستوگڻ جي ورڌي ڪال ۾ مرتيو کي پراپت ٿئي ٿو، شرير تياڳ ڪري ٿو، تڏهن اُتم ڪرم ڪرڻ وارن جي مَلَ رَهِت دويه لوڪن کي پراپت ٿئي ٿو.

रजसि प्रलयं गत्वा कर्मसङ्गिषु जायते।
तथा प्रलीनस्तमसि मूढयोनिषु जायते।।१५।।

''رَجَسِ پرَلَيَمِ گَتوا ڪَرمَسنگِشوُ جايَتي
تَٿا پرَلِينَسِتَمَسِ موُڙَهيونيِشوُ جايتي '' (١٥)

رجوگڻ جي ورڌي ٿيڻ تي مرتيوُ کي پراپت ٿيڻ وارو ڪرمن جي آسڪتيءَ وارن منشن ۾ جنم وٺي ٿو ۽ تموگڻ جي ورڌيءَ ۾ مري ويل پرش موڙهه جوٽين ۾ جنم وٺي ٿو، جنهن ۾ جيت پتنگ وغيره جهڙين جوٽين جو وستار آهي. هاڻي گڻن ۾ به منشن کي ساتوڪ گڻن وارو ٿيڻ گهرجي. پرڪرتي جي هيءَ بئنڪ توهانجي ڪمايل گڻن کي مرتيوءَ کان پوءِ به اُنهن کي توهان وٽ بچائي موٽائي موڪليندي آهي. هاڻي ڏسون ته اُنجو ڦل:-

कर्मणः सुकृतस्याहुः सात्त्विकं निर्मलं फलम्।
रजसस्तु फलं दुःखमज्ञानं तमसः फलम्।।१६।।

'ڪرمَڻَهه سُڪر تسِياهوُهه ساتِوڪِمِ نِرمَلَمِ ڦَلَمِ
رَجَسَسِتوُ ڦَلَمِ دُکَمِگيانَمِ تَمَسَهه ڦَلَمِ '' (١٦)

ساتوڪ ڪرم جو ڦل ساتوڪ، نرمل ، سک ، گيان ۽ ويراڳ وغيره چيا وڃن ٿا. راجس ڪرم جو ڦل ڏُک ۽ تامس ڪرم جو ڦل اگيان آهي.

सत्त्वात्सञ्जायते ज्ञानं रजसो लोभ एव च।
प्रमादमोहौ तमसो भवतोऽज्ञानमेव च।।१७।।

”سَتِوا تِسَنجايَت گِيانَمِ رَجَسو لوڀ ايوَ چَ
پِرَمادَموهَئوُ تَمَسو ڀَوَتو گيانَميوَ چَ “ (١٧)

ستوگڻ سان گيان اُتپن ٿئي ٿو (ايشور جي انڀوَ جو نالو گيان آهي) ايشوري انوڀوتيءَ جو وهڪرو ٿيندو آهي. رجوگڻ ۾ بنا شڪ لوڀ اُتپن ٿيندو آهي ۽ تموگڻ سان پرماد، موهه ، آلس(اگيان) ئي اُتپن ٿئي ٿو. اُهي اُتپن ٿي ڪهڙي گتي ڏين ٿا؟

ऊर्ध्वं गच्छन्ति सत्त्वस्था मध्ये तिष्ठन्ति राजसा:।
जघन्यगुणवृत्तिस्था अधो गच्छन्ति तामसा:।।१८।।

”اوُرڌوَ گَڇنتي سَتوَسٿا مَڌيي تِشٽنتي راجَساهه
جگهنيَگُڻ وِرتيسٿا اَڌو گَڇنتي تامَساها (١٨)

ستوگڻ ۾ استٿ ٿيل پرش ”اوُرڌَمولَمِ“ اُن مول پرماتما جي طرف پرواهت ٿيندو آهي، نرمل لوڪن ۾ وڃي ٿو. رجوگڻ ۾ استٿ راجس پرش وچين اوسٿا جا منش ٿيندا آهن، جن ۾ ”ساتوِڪمِ“ وويڪ ويراڳ ئي ٿيندو آهي ۽ نه هيٺين درجي وارا ڪيٽ پتنگ جوڻين ۾ ويندا آهن بلڪ پنر جنم کي پراپت ٿين ٿا ۽ نندنيل تموگڻ ۾ پرورت ٿيل تامس پرش ”اڌوگتي“ معنيٰ جانور، پکي، ڪيٽ پتنگ وغيره خراب جوڻين ۾ ويندا آهن. اهڙيءَ طرح ٽيئي گڻ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ جوڻ جو ئي ڪارڻ آهي. جو پرش گڻن کي پار ڪري وٺندو آهي، اُهي جنم بندن کان ڇٽي وڃن ٿا ۽ منهنجي سوروپ کي پراپت ٿين ٿا. ان تي چون ٿا:-

नान्यं गुणेभ्य: कर्तारं यदा द्रष्टानुपश्यति।
गुणेभ्यश्च परं वेत्ति मद्भावं सोऽधिगच्छति।।१९।।

''نانيَمِ گُڻيڀيَهَه ڪَرِتارَمِ يدا دِرشٽانوُ پَشيَتي
گُڻيڀيَشِچه پَرَمِ ويتي مَدِياوَمِ سوڌيڳڇتي '' (١٩)

جنهن وقت ۾ درشٽا آتما ٽنهي گڻن کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي ڪرتا نٿو ڏسي ۽ ٽنهي گڻن کان تمام پري پرم تَتِوَ کي ''ويتي'' ڄاڻي وٺي ٿو، اُن وقت اُهو پرش منهنجي سوروپ کي پراپت ٿئي ٿو. اها ٻوڌڪ مهتا ڪونهي تہ گڻ گُڻن ۾ ورتندا آهن. ساڌن ڪري ڪري هڪ اهڙي اوسٿا اچي ٿي، جتي اُن پرم جي انوڀوتي ٿئي ٿي تہ گڻن کان سواءِ ڪوئي ڪرتا نٿو ڏسجي، اُن وقت پرش ٽنهي گڻن کان الڳ ٿي وڃي ٿو. اها ڪا ڪلپت مهتا نہ آهي. ان تي اڳيان چون ٿا :-

गुणानेतानतीत्य त्रीन्देही देहसमुद्भवान्।
जन्ममृत्युजरादुःखैर्विमुक्तोऽमृतमश्नुते।।२०।।

''گُڻا نيتا نَتيتيہ تِرِيندِيهي ديهَسَمُڌ ڀوانِ
جَنمَمِرتِيوُجراڌُ کَئيرِوِمَڪتو مِرتَمَشنُتي '' (٢٠)

پرش انهن اسٿول شريرن کي اُتپتيءَ جي ڪارڻ روپ ٽنهي گڻن کان الڳ ٿي جنم، مرتيوُ ورڌ اوسٿا ۽ سڀ پرڪار جي دکن کان خاص روپ ۾ مڪت ٿي امرت تَتِوَ جو سيون ڪري ٿو. ان تي ارجن سوال ڪيو:

अर्जुन उवाच
कैर्लिङ्गैस्त्रीन्गुणानेतानतीतो भवति प्रभो।
किमाचारः कथं चैतांस्त्रीन्गुणानतिवर्तते।।२१।।

ارجن اُواچ
''ڪَئيرِ لِنگئي سِترِيِنگُڻا نيتا نَتيتو ڀَوَتِي پريو
ڪِماچارَهه ڪَٿَمِ چَئيِتا نِسترِيِنگُڻانَتيوَرتَتي '' (٢١)

پرڀو! انهن ٽنهي گڻن کان الڳ پرش کهڙن کهڙن لڪشڻن سان مليل ٿئي ٿو ۽ ڪهڙي پرڪار جي وهنوارن وارو ٿئي ٿو ۽ منش ڪهڙن اُپاءَ سان انهن ٽنهي گڻن کان الڳ ٿئي ٿو؟

श्रीभगवानुवाच
प्रकाशं च प्रवृत्तिं च मोहमेव च पाण्डव।
न द्वेष्टि सम्प्रवृत्तानि न निवृत्तानि काङ्क्षति।।२२।।

شري ڀڳوان اُواچ

”پرڪاشم چَہ پرَورِتِم چہ موهَميوَ چہ پانڊوَ
نہَ دِوشٽي سَمپرَ ورتاني نہَ نِورِتاني ڪانڪِشَتي “(٢٢)

ارجن جي مٿين ٽنهي سوالن جا جواب ڏيندي يوگيشور شري ڪرشڻ چيو. ارجن! جو پرش ستوگڻ جي ڪاريہ روپ ايشوري پرڪاش، رجوگڻ جي ڪاريہ روپ پرورتي ۽ تموگڻ جي ڪاريہ روپ موهہ کي نہ تہ پرورت ٿيڻ کي برو سمجهي ٿو ۽ نہ نورت ٿيڻ تي اُن جي اڇا ئي ڪري ٿو.

उदासीनवदासीनो गुणैर्यो न विचाल्यते।
गुणा वर्तन्त इत्येव योऽवतिष्ठति नेङ्गते।।२३।।

”اُداسينَوداسينو گُڻئيريو نہَ وچالِيَتي
گُڻا وَرتَنِت اِتِييوَ يووَتِشٽَتي نيِنگَتي “ (٢٣)

جو ان طرح اُداسين جي سَدِرشَ استت هئڻ کي گڻن دواران وچلت نٿو ڪري سگهجي، گڻ گڻ ۾ ئي ورتن ٿا. اهو يٿارٿ ڄاڻي اُن استٿي کان چلائمان نٿو ٿئي، تڏهن هو گڻن کان جدا ٿئي ٿو.

समदु:खसुख: स्वस्थ: समलोष्टाश्मकाञ्चन:।
तुल्यप्रियाप्रियो धीरस्तुल्यनिन्दात्मसंस्तुति:।।२४।।

''سَمَدُکَسُکَهہ سِوَسِٿَهہ سَمَلوشٽاشِمَکانِچَن
تُلِيَپِرَياپِرَيو ڌيرَسِتُلِيَنندا تِمَسَنِسِتُتيهہ '' (٢۴)

جو هميشهہ پاڻ ۾ ارٿات آتم ڀاوَ ۾ اسٿت آهي، سک ۽ ڏکہ ۾ سَمَ آهي، مٽي-پٿر ۽ سون ۾ بہ سمان ڀاوَ وارو آهي، ڌيرجوان آهي، جو پريہ ۽ اپريہ کي هڪ سمجهي ٿو، پنهنجي ننندا چاهي اُستتيءَ ۾ بہ سمان ڀاوَ وارو آهي ۽

मानापमानयोस्तुल्यस्तुल्यो मित्रारिपक्षयो:।
सर्वारम्भपरित्यागी गुणातीत: स उच्यते।।२५।।

''مانا پَمانَيو سِتُلِيَسِتُلِيو مِترارِ پَڪشيوهہ
سَرِوارَمِڀَپرِيتياگي گڻا تيتَهہ سَ اُچيَتي (٢٥)

جيڪو مانَ ۽ اپمانَ ۾ سَمَ آهي، متر ۽ شترو پکش ۾ بہ سم آهي، اُهو سمپورڻ شروعات کان رهت ٿيل پرش گُڻا اتيت چيو وڃي ٿو.

شلوڪ ٻاويهين کان پنجويهين تائين گڻن کان الڳ پرش جا لڪشڻ ۽ آچرڻ ٻڌايو ويو تہ هو چلائمان نٿو ٿئي، هن کي گڻن جي دواران وچلت نٿو ڪري سگهجي، اسٿر رهي ٿو. هاڻي ٻڌايان ٿو گڻن کان الڳ رهڻ جي وڌِي :-

मां च योऽव्यभिचारेण भक्तियोगेन सेवते।
स गुणान्समतीत्यैतान्ब्रह्मभूयाय कल्पते।।२६।।

''ماچہ يووِيَڀِچاريڻ ڀَڪتيِيوگيت سيوَتي
سَ گُڻانِسَمَتيتِيَئيتانِبرَهَمَڀُويايہ ڪَلپَتي '' (٢٦)

جو پرش اويڀيچارڻي (پوري من سان) ڀڳتي دواران معنيٰ اِشٽ کانسواءِ ٻين سنساري يادگيرين کان سيني پاسي رهت رهي يوگہ دواران ارٿات اُنهي مقرر ڪرم دواران مونکي هميشهہ ڀڄن دواران ياد ڪري ٿو. اُهو اُنهن ٽنهي

ڳڻن جو چڱيءَ طرح اُلنگهڻ ڪري پر برهم سان هڪ ٿيڻ جي يوڳيہ آهي، جنهنجو نالو ڪلپ آهي. برهم سان هڪ ئي ڀاوَ ٿي وڃڻ ئي واستوڪ ڪلپ آهي. انَنيہ ڀاوَ سان مقرر ڪرم جو آچرڻ ڪرڻ بنا ڪوئي بہ ڳڻن کان الڳ نٿو ٿئي. انت ۾ يوڳيشور نِرڻيہ ڏين ٿا:

ब्रह्मणो हि प्रतिष्ठाहममृतस्याव्ययस्य च।

शाश्वतस्य च धर्मस्य सुखस्यैकान्तिकस्य च।।२७।।

”بِرَهمَڻو هي پرَتِشٺاهَهممرتَسِياوِيَيَسِيہَ چَہ
شاشِوَتَسِيہَ چَہ ڌرِمَسِيہَ سُکسِيَئيڪا نِتِيڪَسِيہَ چَہ “ (٢٧)

هي ارجن! اُن اوناشي برهم جو (جنهن سان هو ڪلپ ڪري ٿو، جنهن ۾ ڳڻاتيت (ڳڻن کان الڳ ٿيل) هڪ ڀاوَ سان پرويش ڪري ٿو)، امرت جو، پوتر ڌرم جو ۽ اُن اکنڊ ايڪ رس آنند جو مان آڌار آهيان ارٿات پرماتم اسٿت ستگرو ئي اُن سڀ جو آڌار آهي. ڪرشڻ هڪ يوڳيشور هو. هاڻي جيڪڏهن توهانکي اڻ ڏٺل، اوناشي، برهم، پوتر ڌرم، اکنڊ، ايڪ رس آنند جي ضرورت آهي تہ ڪنهن تَتوَ اسٿت، اويڪت اسٿت جي شرڻ وڃو. ان جي دواران ئي هيءُ ممڪن آهي.

تاتپرج :-

هن اڌياءَ جي شروعات ۾ يوڳيشور شري ڪرشڻ چيو تہ، ارجن ! گيانن ۾ بہ تمام اُتم پرم گيان مان وري تنهنجي لاءِ چوندس، جنهنکي ڄاڻي مُني جن اُپاسنا جي دوارن منهنجي سوروپ کي پراپت ٿين ٿا پوءِ سرشٽيءَ جي آد ۾ هو جنم نٿا وٺن؛ پر شرير جو موت تہ ٿيڻو ئي آهي. اُن وقت هو تڪليف ۾ منجهيل نٿا ٿين. هو حقيقت ۾ شرير تہ

اُن ڏينهن تياڳي ٿا ڇڏين، جنهن ڏينهن سوروپ کي پراپت ٿين ٿا. پراپتي جيئري ئي ٿيندي آهي، پر سرير جو انت ٿيڻ وقت به هو وياڪل نٿا ٿين.

پرڪرتيءَ مان ئي اُتپن ٿيل رج، ستو ۽ تَمَس ٽيئي گ ڻ به هن جيو آتما کي شرير سان ٻڌن ٿا. ٻن گڻن کي دٻائي ٽئين گڻ کي وڌائي سگهجي ٿو. گڻ بدلجندڙ آهن. پرڪرتي جا انادي آهي، نشٽ نٿي ٿئي، بلڪ گڻن جو پرڀاوَ ٽاري سگهجي ٿو. گڻ من تي اثر وجهن ٿا . جڏهن ستو گڻ جي ورڌي رهندي آهي، ته ايشوري پرڪاش ۽ سمجهه جي شڪتي رهي ٿي. رجو گڻ راڳاتمڪ آهي. ان وقت ڪرم جو لوڀ رهي ٿو، آسڪتي (موهه) رهي ٿو ۽ انتهڪرڻ ۾ تمو گڻ ڪاريه روپ وٺڻ تي آلس پرماد گهيري ڇڏي ٿو. ستوگڻ جي ورڌيءَ ۾ مرتيو کي پراپت ڪرڻ وارو پرش مٿي نرمل لوڪن ۾ جنم وٺن ٿا. رجوگڻ جي ورڌيءَ ۾ پراپت ٿيل منش مانَوَ جوڻيءَ ۾ ئي واپس اچي ٿو ۽ تموگڻ جي ورڌي ڪال ۾ منش شرير تياڳي (جانور، ڪيٽ، پتنگ وغيره) اڌم جوڻ کي پراپت ٿئي ٿو. تنهنڪري منشن کي سليسليوار اُنتي وارو گڻ ساتوڪ ڌانهن وڌڻ گهرجي.

هو جنهن نموني مڪت ٿين ٿا، اُنجو سوروپ ٻڌائيندي يوگيشور چيو ته اشٽامول پرڪرتي گرڀ کي ڌارڻ ڪرڻ واري ماتا آهي نه پتا. جيستائين اهو سلسلو رهندو تيستائين چراچر جڳت ۾ نِمِت روپ سان نه ڪوئي ماتا پتا بڻيا رهندا؛ پر سچ ته پرڪرتي ئي ماتا آهي، مان ئي پتا آهيان.

ان ڪانڊ ۾ ارجن ٽي سوال ڪيا ته گڻاتيت پرش جا ڪهڙا لڪشڻ آهن؟ ڪهڙو وهنوار آهي؟ ۽ ڪهڙي اُپاوَ سان

منش انهن ٽن گڻن کان الڳ ٿئي ٿو. ان طرح يوگيشور شري ڪرشڻ گڻا اتيت پرش جا لڪشڻ ۽ آچرڻ ٻڌايا ۽ انت ۾ گڻا اتيت ٿيڻ جو اُپاءُ ٻڌايو تہ پرش هڪ منو ٿي پڪتي ۽ يوگہ دواران نرنتر منهنجو ڀڄن ڪري، هو ٽنهي گڻن کان الڳ ٿي ويندو آهي. ٻئي ڪنهنجو چنتن نہ ڪندي سدائين اِشٽ جو چنتن ڪرڻ سچي ڀڳتي آهي. جيڪو سنسار جي ميلاپ ۽ وڇوڙي کان پورو رهت آهي اُن جو نالو يوگہ آهي. اُن کي ڪاريہ روپ ڏيڻ جو طريقو نام ڪرم آهي. يگيہ جنهن سان پورو ٿئي ٿو، اُها حرڪت ڪرم آهي. هڪ پوري ڀڳتيءَ دواران اُن مقرر ڪرم جي آچرڻ سان ئي پرش ٽنهي گڻن کان الڳ ٿئي ٿو ۽ الڳ ٿي برهم سان گڏ هڪ ڀاوَ جي لاءِ، پورڻ ڪلپ کي پراپت هئڻ لاءِ يوگيہ ٿيندو آهي. گُڻ جنهن من تي پرڀاوُ وجهن ٿا، اُنجي وِليَہ ٿيندي ئي برهم سان ملي هڪ ڀاو ٿي وڃي ٿو. اهوئي حقيقي ڪلپ آهي. هاڻي بنا ڀڄن ڪرڻ جي ڪوئي گڻن کان الڳ نٿو ٿئي.

انت ۾ يوگيشور شري ڪرشن نِرڻيہ ڏين ٿا تہ اُهو گڻ اتيت پرش جنهن برهم سان هڪ ڀاوَ ۾ اسٿت ٿئي ٿو اُن برهم جو امرت تَتوَ جو پوتر ڌرم جو ۽ اکنڊ هڪ رس آنند جو مان ئي آسرو آهيان ارٿات مان ئي پرڏان ڪرتا آهيان. هاڻي تہ شري ڪرشڻ هليا ويا. هاڻي تہ آڌار هليو ويو. تڏهن تہ وڏي سنسي جي ڳالهہ آهي. اُهو آڌار هاڻي ڪٿان ملندو؟ ليڪن نہ، شري ڪرشڻ پنهنجي واقفيت ڏين ٿا تہ هو هڪ يوگي هو، سوروپ ۾ اسٿت ٿيل مهاپرش هئا. ”شِشيَستيهَمِ شاڌي مامِ تُوامِ پرَپَنَمِ “ ارجن چيو هو مان

توهان جو شِشُ آهيان، توهانجي شرڻ آهيان، مونکي سنڀاليو جڳهہ جڳهہ تي شري ڪرشڻ پنهنجي سڄاڻپ ڏني. اسٿت پرگيہ َمهاپرش جا لڪشڻ ٻڌايا ۽ اُنهن سان پنهنجي پيت ڪئي. هاڻي صاف آهي، پڌرو آهي تہ شري ڪرشڻ هڪ مهاتما يوگي هئا. هاڻي جيڪڏهن توهانکي اکنڊ، هڪ رس آنند ، شپ ڌرم يا امرت تَتِوَ جي گهرج آهي، تہ اُن سڀ جي پراپتي جو سِروت (درياهہ) هڪ ستگرو ئي آهن. سڌو پستڪ پڙهي هن کي ڪوئي نٿو پائي سگهي. جڏهن اهو مهاپرش آتما ۾ ملي هڪ ٿي رٿي ٿي وڃي تو تہ آهستي آهستي انوراگيءَ کي هلائيندي هلائيندي هن جي سوروپ تائين. جنهن ۾ پاڻ پهچي عزت جو پاتر بڻيو آهي، پهچائي ڇڏي ٿو. اهوئي صرف هڪ وسيلو آهي. ان طرح يوگيشور شري ڪرشڻ پاڻ کي سڀ جو آڌار ٻڌائيندي هن چوڏهين اڌياءَ کي سماپت ڪيو، جنهن ۾ گڻن جو وستار سان ورنَنُ آهي هاڻي.

اوم تتسَدِتي شريمد ڀڳود گيتا سوُپنشتِسوُ برهم ودياِيام يوگشاستري شري ڪرشڻارجُن سموادي گڻ ترِيوڀاڳہ يوگہ نام چتُرِدَشو ڌيايَهہ ١١١٤١١

ان طرح شريمد ڀڳودگيتا روپي اُپنشد ايوَم برهم ودياِ ۽ يوگ شاستر وشيہ شري ڪرشڻ ارجن جي سنواد ۾ گُڻَ ترَيوِڀاڳہ يوگہ نالي چوڏهون اڌياءُ پورو ٿيو آهي.

اِتي شريمتپَرَم هنس پرمانندسيہ شِشيہَ سوامي اڙگڙانند ڪرتي شريمد ڀڳوتگيتايَہ ”يٿارٿ گيتا ڀاشيي“ گڻتِرَيوِڀاڳَ يوگو نام چتُرِدشوڌياَهہ ١١١٤١١

١١ هري اوم تَت سَت ١١